# الله تعالٰي جي نظر ۾ دين صرف اسلام آهي

(مترجم_ آغا عامر خان)



تاريخ جي هر دور ۾ الله تعالٰي پنهنجي رسولن جي ذريعي سچي ايمان کي ظاهر فرمايو آهي. سڀني رسول جن جي تشريف آوري ٿي آهي ماڻهن کان ان سچائي جو تقاضا کيو ته اهي هڪ الله تي ايمان آڻن، سڀني رسولن جو حڪم مڃن، فرشتن، تقدير ۽ آخرت تي ايمان آڻن، بهترين اصول يعني حسن اخلاق اپنائن ۽ الله تعالٰي جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪ اعمال ڪن. وقت در وقت الله تعالٰي پنهنجي موڪليل مذهبن جي فطرت ۾ ڪجھ تبديليون ڪيو آهن، پر سڀني پيغمبرن ماڻهن کي اسلام طرف ئي سڏيو آهي ڇو جو الله تعالٰي جي نظر ۾ دين صرف اسلام آهي

“بيشڪ وٽندڙ دين الله وَٽ اِسلام آهي.” (سورت آل عمران، 19)

حضرت نوح، حضرت ابرهيم، حضرت يعقوب، حضرت موسٰي، حضرت عيسٰي ۽ ٻين نبين پنهنجن پنهنجن ماڻهن کي، جن ڏانهن انهن کي موڪليو ويو هيو، الله تعالٰي جو سچو مذهب قبول ڪرڻ جي لاءِ سڏيو ۽ انهن تي اهو ظاهي ڪيو ته اهي مسلمان آهن. سورت العمران جي 67 ۽ 68 آيت ۾ الله اهو ٻڌايو آهي ته حضرت ابراهيم مسلمان هئا

“ ابراهيم نڪو يهودي هو ۽ نڪي نصراني پر حَنيف (هڪ طرفو) مُسلمان هو، ۽ مُشرڪن مان نه هو. ابراهيم کي اُهي ماڻهو ويجها آهن جن سندس تابعداري ڪئي ۽ هيءُ پيغمبر ۽ جن مٿس ايمان آندو، ۽ الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ آهي.” (سورت آل عمران، 67_68)

هيئين آيت اهو ظاهر ڪري ٿي ته حضرت يعقوب پنهنجي پٽن کي “مسلمان ٿيڻ” لاءِ چيو

“۽ ابراهيم ۽ يعقوب پنهنجي پٽن کي ان ڳالھ جي وصيت ڪئي، ته اي اسانجا اولاد (هن) دين کي الله اوهان لاءِ چونڊيو آهي پوءِ اوهين مسلمان هجڻ کانسواءِ نه مرجو. ” (سورت البقره، 132)

حضرت عيسٰي ۽ انهن جي حوارين به اهو چيو ته اهي مسلمان آهن

“پوءِ جنهن مهل عيسىٰ کائن ڪُفر (جا ڪم) اکين سان ڏٺا (تنهن مهل) چيائين ته الله (جي دين) ڏانهن مُنهنجا واهرو ڪير آهن؟ حوارين چيو ته اسين الله (جي دين) جا واهرو آهيون، الله کي مڃيوسون، ۽ شاهد هُج ته اسين پڪ مُسلمان آهيون.” (سورت آل عمران، 52)

حضرت موسٰي به پنهنجي ماڻهن کي مسلمان ٿيڻ لاءِ چيو

“۽ موسىٰ چيو ته اي منهنجي قوم جيڪڏهن اوهان الله تي اِيمان آندو آهي ته جي مُسلمان آهيو ته مٿس ڀروسو ڪريو” (سوره يونس، 84)

جيئن ته اسان ڏٺو ته سڀني رسولن پنهنجن پنهنجن ماڻهن کي مسلمان ٿيڻ لاءِ چيو، ٻين لفظن ۾، الله جي نظر ۾ جيڪو سچو دين آهي ان جي ئي دعوت انهن ڏني. الله تعالٰي جيڪي سچا ڪتاب ۽ اصول انهن نبين تي لاٿا آهستي آهستي مٽجي ويا ۽ پنهنجي اصل صورت کان تبديل ٿي ويا. پر الله تعالٰي قرآن پاڪ کي ڪنهن به تبديلي کان پاڪ رکڻ جو واعدو ڪيو آهي ۽ اهو حڪم ڏنو آهي ته هر انسان هن آخري سچي ڪتاب تي عمل ڪري. ان لاءِ، جيڪڏهن هڪ يهودي، جيڪو حضرت موسٰي سان سچو پيار ڪري ٿو،



انهن جي آٽيل مذهب جي مطابق عمل ڪرڻ چاهي ٿو ته اهو قرآن پاڪ تي عمل ڪري. ساڳئي طريقي سان، جيڪڏهن هڪ عيسائي، جيڪو حضرت عيسىٰ جن جي تعليمات تي عمل ڪري ٿو، چاهي ٿو ته انهن جي دين جي پيروي ڪري جيئن انهن جي حوارين جي دور ۾ هيو، ته ان کي کپي ته اهو قرآن مجيد تي عمل پيرا ٿئي. ڇاڪاڻ ته حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ جيڪو ڪجھ به سيکاريو ان جو سچو ترين، بهترين ۽ شفاف عڪس صرف قرآن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. جڏهن يهودي ۽ عيسائي اهو چون ٿا ته اهي هڪ الله ۾ ايمان آڻين ٿا، لا اله الاالله، ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم آخري سچا پيغمبر آهن، محمد رسول الله، ۽ قرآن جي تعليمات تي عمل ڪن ٿا ته اهي پو ئي حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ جا پوري طرح پيروڪار ٿيندا. الله جي منشا سان، اهو هن صدي ۾ حضرت عيسىٰ جي آمد جي ڪري واقع ٿيندو۽ اسلام، هڪ سچو ۽ حق دين، حضرت عيسىٰ ۽ حضرت مهدي جي حڪمراني هيٺ دنيا تي غالب ايندو.

[https://www.harunyahya.info/sd/mdhamyn/allh-taaly-jy-nzr-dyn-srf-aslam-aahy](https://www.harunyahya.info/sd/mdhamyn/allh-taaly-jy-nzr-dyn-srf-aslam-aahy)